ڊاڪٽر نواب ڪاڪا

# رشيد ڀٽي بحيثيت ڪهاڻيڪار: هڪ اڀياس


***Abstract:***

**Rashed Bhatti as short story writer**

*Rashed Bhatti is well known writer of Sindhi language, having made great contribution to and acquired expertise in Sindhi short story writing, research and translation. He played an active role in Sindhi Adabi Sangat and in the progressive movement. His writings also greatly reflect the impact of Marxism. Bhatti was one of those who raised voice for language issues, during the one unit and marshall law. He addressed topics in his stories like fuddles, religious extremism and other Sindh related issues. He has been always remained more sensitive to the injustice done to the local peoples. Rasheed Bhatti is also an expert writer of comedy, comic and tragic field of literature. Bhatti has broader observation and historical expertise, especially his command over language and prevailing phrases and sentences is admirable. His writing reflects the resistances and realistic approach. His "bun" and "des sutaa dil waraa jagya" are his most famous stories. In this research paper the characters of his stories are carefully examined to establish the idea and quality of his writing.*


**سنڌ** جي تاريخي ماڳ اروڙ جي ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ عبدالرشيد ڀٽي ولد حافظ مولوي عبدالحميد ڀٽي پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ قلم جي ذريعي قابل قدر ڪردار ادا ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ تحقيق، تخليق ۽ ترجمي جي وسيلي شاهڪار ڪتابن جو واڌارو ڪيو اٿائين. سندس علمي پورهئي جو وچور هن ريت آهي:

### تخليقون ۽ تصنيفون:

- 'گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ' ڪهاڻيون (١٩٦٣ع) پاڪستان رائٽرس گلڊ سکر.
- 'آدرشي' (طنزيه ۽ مزاحيه ڪهاڻيون) ڪهاڻي پبليڪيشن مُمبئي.
- 'عاشق زهر پياڪ' (هڪ ايڪٽ وارو ناٽڪ١٩٦٨ع) مهراڻ ڪتاب گهر سکر.





- 'ديس ستا دل وارا جاڳيا' (ڪهاڻيون ١٩٨٥ع) سنڌي ادب اڪيڊمي حيدرآباد.
- 'اوپاريون لهواريون' (مزاحيه ۽ طنزيه تقريرون) سنڌي ادب اڪيڊمي، حيدرآباد.
- 'سياري جي رات' (طنز۽ مزاح) شهباز پبليڪيشن حيدرآباد.
- 'سياسي مسئلن جو حل' (سياسي مضمون) ملير ڪتاب گهر ڪراچي.
- 'سچ جو فلسفو' (سياسي جدلياتي فلسفو) عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد.
- 'پاڪستان جا پراڻا شهر' (تاريخ) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- 'اسين لوچيون لوهه ۾' (جيل ڊائري ٢٠١٤ع) ماءِ پبليڪيشن سکر.

### ترجما:

- 'دنيا جا عظيم افسانا' (١٩٦٦ع) سنڌي ادبي بورڊڄامشورو
- 'رياست ۽ آزادي' (سياسي فلسفو) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
- 'ڪميونسٽ پڌرنامون' عوامي ڪتاب گهر حيدرآباد.
- 'چتر ليڪا'(ناول) زندگي پبليڪيشن حيدرآباد.
- 'جڏهن جهوڪ جهُريو'(تاريخ) عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد.
- 'ويرين جي وسندي'(ويٽنامي ناول)، عظمت ادبي اڪيڊمي، حيدرآباد.
- 'تضادن بابت' (تضادن جو فلسفو)، عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد.

### ترتيب ڏنل ڪتابن ۾:

- 'آڏي ڍال مر ڍار'(قومي شاعري)
- 'سنڌ جا پراڻا شهر' (مولائي شيدائيءَ جا تاريخي مضمون)
- 'انگليند جا اڍائي سال' (لعل جوٽيجي جون يادگيريون)
- 'خط تقريرون ۽ انٽر ويو' (شيخ اياز).

انهيءَ ڪان سواءِ سنڌي، انگريزي ۽ اردوَ ۾ سندس ڪيترائي مضمون شايع



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ٽيل آهن. رشيد ڀٽي هڪ ڪامياب وڪيل هوندي بہ پنهنجي محنت ۽ قابليت سان ٻولي ادب ۽ صحافت ۾ پڻ پاڻ ملهايو آهي، پنهنجي ادبي سفر جي شروعات بابت لکي ٿو: ”بابا جي اخبار ’المنار‘ هفتيوار ۾ راشدي برادران ، مولائي شيدائي، مولانا دين محمد وفائيءَ جو پاڙيسري هو ،عبدالڪريم چشتي ۽ مشهور اديب اڪثر پريس ۾ بابا وٽ ايند هئا، ان وقت اڪثر نامور اردو ۽ سنڌي رسالا، ’اديب سنڌ‘، ’ڪاميابي‘، ’توحيد‘، ’سنڌو‘، ’همايون ‘، ’نير‘، ’پيشوا‘، ’مولوي‘، ’ادبي دنيا‘ (اردو) اسان جي پريس ۾ايندا هئا، انهن جي مطالعي ۽ ڄاڻايل عالمن اديبن جي ماحول ادب جي مطالعي جو شوق پيدا ڪيم. ١٩٥٢ع ۾ شيخ اياز سکر آيو، تہ هفتيوار ’روشنيءَ‘ جو ايڊيٽر ٿيو، اها اخبار اسان جي پريس ۾ ڇپبي هئي، اياز ايندو رهندو هو، جنهن منهنجي مطالعي جو شوق ڏسي لکڻ لاء همٿايو، پهرين هڪ ڪهاڻي لکيم ’چوري‘، جا اياز روشنيءَ ۾ شايع ڪئي، همت افزائي ٿي.“[1] رشيد ڀٽي شيخ اياز جي گهڻو ويجهو رهيو ترقي پسند تحريڪ، سنڌي ادبي سنگت، ون يونٽ مخالف تحريڪ ۽ ايم. آر. ڊي. تحريڪن ۾عوامي ليگ ۾ گڏ رهيا. ١٩٧١ع ۾ جيل ۾ بہ گڏ رهيا، اجتماعي سوچ ۽ عمل جي ڪري تڪليفون برداشت ڪيائون. اياز جي جيل ۾ ساڻس ڪيل اهڙي گفتگوءَ جي بابت جيل ڊائريءَ ۾ رشيد ڀٽي لکي ٿو: ”اياز چيو تہ اسان جي سوچ ۽ عمل ۾ اجتماعيت آهي، پر جڏهن سور ۽ تڪليف جو سوال ٿو اچي، تہ انفراديت وري بہ مٿانهين ٿي پوي. اسان جي ڏکن ڏولاون ۾ ڪٿي اجتماعيت آهي.“[2]

رشيد ڀٽيءَ جي تحريرن تي مارڪسي فڪر، ڪميونسٽ فڪر ۽ ترقي پسند فڪر جو اثر نمايان آهي. سنڌي ادب ۾ سندس سڃاڻپ مزاحيہ توڙي سنجيده افسانا نگار جي حيثيت ۾ آهي. هتي سندس ٻن اهم ڪهاڻين جي مجموعن ’گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ‘ ۽ ’ديس ستا دل وارا جاڳيا‘ جو اڀياس پيش ڪجي ٿو، جنهن مان سندس تاريخي شعور ۽ سماج جي درد کي محسوس ڪندڙ هڪ ذميوار ليکڪ جهڙين خوبين جي پرک ٿيندي. پهريون ڪهاڻين جو مجموعو ’گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ‘ آهي، جو ١٩٦٣ع ۾ شايع ٿيو. ڪتاب جو نالو ڊاڪٽر تنوير عباسيءَ جي گيت مان کنيو ويو آهي، جيڪو پڻ ڪهاڻين جي فهرست کان اڳ ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي، ’پيش لفظ‘ سندس ويجهي دوست ساٿي شيخ اياز جا لکيل آهن. شيخ اياز مجموعي ۾ شامل مختلف افسانن جي موضوع ۽ فڪر تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي. ’مهاڳ‘





مشهور افسانا نگار جمال ابڙي لکيو آهي.

جمال ابڙو ادب جي بنيادي مقصد سونهن سچ جي ساٿ ، اديب جي ذميواريءَ کي بيان ڪندي رشيد ڀٽيءَ لاءِ لکي ٿو: ”رشيد ڀٽي هڪ اهڙو اديب آهي، سندس مانيٽي طبعيت جي تحت مئي متي مهراڻ جون ڇوليون لڙ ۽ لهرون آهن، سندس طنز ۾ پيار ۽ سندس مرڪ ۾ لڙڪ آهن، هن اکرن ۾ جان پري آهي، جن ۾ ساهہ آهي، جن ۾ رنگ آهي، منجهن سندس احساس ۽ ڪومل دل جو نچوڙ آهي.“[3] هن مجموعي جي پهرين ڪهاڻي ’ٻڙ‘ جي عنوان سان آهي. سنڌي ادب جي بهترين ڪهاڻين ۾ هن جو ليکو ٿئي ٿو. هي دؤر سماجي سجاڳي ۽ ترقي پسند فڪر وارو دؤر آهي، وڏيرو ۽ جاگيردار ، سرمائيدار ۽ ڪامورو ورهاڱي بعد اڃا وڌيڪ طاقتور ٿي ويو هو، پورهيت ۽ زرعي سماج ۾ هو ڄڻ عام ماڻهو جي قسمت جو مالڪ بڻجي ويهي رهيو. هن ڪهاڻيءَ ۾ پڻ اهڙي ظلم جو داستان آهي. رئيس، ڪُتيءَ جو ٻڙ بچائڻ خاطر پورهيت جي نسل کي ختم ڪري ڇڏيو.

زخمي ڪُتيءَ کي ڦٽيل سوئر جي قبضي مان ڇڏائڻ لاء مينهل کي زبردستي موڪليو ويو. مينهل وڏيرڪي سرشتي جي گهاڻي ۾ پيهجي ويو، باوجود چاهڻ جي ڪجهہ نہ ڪري سگهيو. سماجي سرشتي تي وڏيري جو مڪمل قبضو آهي. سندس پيءُ ڏاڏو بہ ايئن رئيس جي ناجائز خواهشن جو ٻَڪ بڻجي چڪا هئا. بغاوت جي صورت ۾ راڄ مان نيڪالي ۽ جيل جي سزا ڪيس سجهي پئي. قانون ۽ انصاف بہ رئيس جا ساٿاري آهن. سنڌ ۾ وڏيرو رئيس، پير جاگيردار سدائين طاقتور رهيو آهي، سياست مذهب ۽ اقتدار تي سندس قبضو رهيو آهي. اهڙي بدمست ۽ طاقتور ڌر سدائين عوام جي قسمت جا فيصلا پنهنجي مرضي مطابق ڪيا آهن. پورهيت کي اهڙي طرح سماجي ۽ معاشي مسئلن جي لوهي پنجري ۾ بند رکيو ويو آهي، جو سندس ڪمزور ٻانهون ۽ ٻي شعور ذهن ڪجهہ بہ نٿو ڪري سگهي. رشيد ڀٽي ڪردارن جو سماجي ۽ نفسياتيءَ جائزو گهرائيءَ سان ورتو آهي. وڏيرو هرحال ۾ پنهنجي مٿڀرائي چاهي ٿو. هڪ پاسي سندس سامهون تڙپندڙ انسان اچي ڪري ٿو ، ٻئي طرف جانور آهي، سندس ردعمل هي آهي: ”وڏيري ڊڪي اچي راڻيءَ کي ڀاڪر ۾ ڪنيو، سوئر بہ ڏاڍو ڦٽيو اٿس، ويچاري گگدام معصومڙي، هن ڪُتي رسولي کي ڏني ۽ پاڻ ٽانگي تي چڙهندي ڪمدار کي چيائين، اڙي ڪمون سوئر کي ڪانواٽيءَ تي ڳوٺ ڪٽائي هل ۽ راڻيءَ کي ملم پٽي لاء



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شهر ڪٽائي وڃ. چاڪ ٿي اچي ته وڏيري خيري واري ڪتي سان بيهاري اچجانس ۽ ڪتو ٻٽيارو آهي سنو ٻڻ پيدا ڪندا."(۵) مينهل جانور ڪان به بدتر موت مري ويو. جانور ڪي جانور سان ۽ انسان ڪي انسان سان ويڙهائڻ ته عياش اميرن جو عام مشغلو آهي. پر هتي انسان ڪي خطرناڪ جانور سان صرف ان ڪري مقابلو ڪرايو ويو جو ڪُتيءَ جو ٻڻ بچائڻو هو. هن دؤر جي سماجي ۽ سياسي حالتن تي وڏيري جو مڪمل قبضو هو. هو هر قسم جو ڪٽو ڪم سولائيءَ سان ڪري پئي سگهيو. اهڙو عڪس جمال ابڙي، اياز قادري ۽ غلام رباني آگري جي ڪهاڻين ۾ به نمايان نظر اچي ٿو.

هن مجموعي جي ٻي ڪهاڻي 'ٻاجوڪڙ' نالي سان آهي. هيءُ ڪهاڻي جنهن موضوع تي لکي وئي آهي، اهو موضوع سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ۱۹۲۳ع ڪان ڇينمل پرسرام جي لکيل 'چمڙا پوش جون آڪاڻيون' ڪان هلندو نظر اچي ٿو. ڪيترن ئي ڪهاڻيڪارن هن موضوع تي قلم هلايو آهي. ننڍپڻ جي شادي سماج جو اهم مسئلو رهيو آهي. هن ڪهاڻيءَ جي ڪردار 'ساران' سان پڻ اهڙو ڪلور ڪيو ويو. عمر ۾ رات ڏينهن جو تفاوت ڪنهن به صورت ۾ رشتن ۾ جتاءَ نٿو ڪري. نه ذهني نه جنسي هم آهنگي تي سگهي ٿي. هن ڪهاڻيءَ جو ڪردار 'ساران' سان پڻ اهڙو ظلم ڪيو ويو. نتيجي ۾ پنهنجي اونداهي، اٽپوري ۽ اساٽيل زندگيءَ جي اسات ختم ڪرڻ، روشني ۽ پورٽتا جي لاءِ گهران نڪري وئي. سماج روايتي تبصرا ڪندي، 'ساران' ڪي گهٽ وڌ ڳالهائي ٿو.

ڪهاڻيڪار سماجي حقيقتن جي روشنيءَ ۾ اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، ته غير فطري رشتا ۽ هٽ ٺوڪيون رسمون، ڪڏهن به جتاءُ نه ڪري سگهندا. اهڙا فيصلا ڪندڙ ڪردارن جي عمل جو دائرو محدود آهي. جنهن سبب ٻن انسانن سان ناانصافي ٿي ۽ انهن انصاف لاءِ پنهنجو طريقو اختيار ڪيو. ٽئين ڪهاڻي 'اوسيڙو' نالي سان آهي. هن ڪهاڻيءَ جو موضوع به سنڌي روايتي ڪهاڻين وارو آهي. مختلف سماجي برائين ڪي هڪ ئي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. وڏيري جي مرد پرستي، پنهنجي ڪمين ڪاسبين جي ننگن ۾ هٿ وجهڻ عام موضوع آهي، پر هتي اهڙي وڏيري جي گهر واري پڻ ڪنهن جي اچڻ جي اوسيڙيءَ ۾ گهر جو پويون درڪولي ويٺل آهي. ايئن ٿيڻ لاءِ ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي روايتي بيوسي يا جبر يا لاچاري ظاهر ڪيل ناهي، عام سماجي حالتون ۽ بدي جي رسم وغيره سبب آهن. جنان جو مڙس جڏهن وفات





ڪري ويو ته بدي جي مائٽي سبب ڪيس ٻيهر مڙس جي ننڍي ڀاءُ سان پرڻايو ويو، جيڪو بلڪل به سندس لائق نه هو. جنهن سبب جنا وڏيري جي اشارن تي سولائيءَ سان ساڻس پيچ اٽڪايا، ٻئي طرف سوڍي ڪي وڏيري جو ڪڇ ۾ ويٺل ڏسي، سندس ننڍي سائڻ ان ردعمل ۾ پاڻ به سوڍي جي ڪڇ ۾ هلي وئي. ڪهاڻيءَ ۾ ڪردارن جي روايتي عمل سبب ڪين منطقي انجام تي پهچايو ويو آهي. 'ميرل' ڪهاڻيءَ ۾ ڪاليج جي هڪ عاشق مزاج نوجوان جي ڪردار ڪي پيش ڪيو ويو آهي.

رشيد ڀٽي سنجيده موضوعن سان طنزيه ۽ مزاحيه موضوعن تي به ڀرپور قلم هلايو آهي. هن ڪهاڻيءَ تي پڻ اهڙو عنصر غالب آهي. ميرل ڇوڪرين جي هٿان بار بار ذليل ٿيڻ ۽ مار موچڙو ڪائڻ جي باوجود ساڳيون حرڪتون ڪندو رهي ٿو. نوجوان عورت جي صحبت، دوستي ۽ محبت جو سڪايل آهي. ڪهاڻيءَ ۾ نادان، سِڪايل ۽ خوش فهميءَ ۾ رهندڙ نوجوان جي زندگيءَ جو خاڪو پيش ڪيل آهي. 'خدا داد' ڪهاڻيءَ ۾ بنيادي ڪردار خداداد جو آهي، جيڪو زماني جي ڏاڍ جي ڪري چريو ٿي، گدو بندر جي حوالي ڪيو ويو. حقيقت ۾ هو انسان دوست سنجيده ۽ هر ڪنهن سان ڀلائي ڪندڙ انصاف پرور انسان هو، پر گهر واريءَ جي ڪٽي هلت، سماج جا طعنا هندو مسلم جهيڙا، ورهاڱو، سماج جي بي حسي ۽ بي رحمي سبب هو دربدر ٿيندو رهيو.

رشيد ڀٽي سماجي حقيقتن ڪي مختلف واقعن جي روشنيءَ ۾ پرکي اهڙن ڪردارن جي اهميت ۽ اصليت ڪي پڙهندڙن آڏو آڻي، سندن قدر ۽ قيمت ٻڌائي آهي. 'علامه ظهير' ڪهاڻيءَ ۾ رشيد ڀٽي هڪ جنوني شاعر جي ڪردار ڪي پيش ڪيو آهي، درد، طنز ۽ مزاح جو گڏيل تاثر سمايل آهي. علامه ڪي غزل ٺاهڻ ۽ ٻڌائڻ جو جنون آهي. چانهه ٻيڙي پياري به ماڻهن ڪي غزل ٻڌائي ٿو. نوان نوان غزل ٻڌائڻ لاءِ هر وقت آتو رهي ٿو. شاه لطيف جي ياد ۾ ٿيندڙ مشاعري ۾ ڪيس شعر پڙهڻ جو موقعو نه ڏنو ويو، شروعات ڪان پڇاڙي تائين اتاولو ۽ بيچين رهيو، ته جاڻ ڪيس سڏ ٿيو پر محفل برخواست ڪرڻ جو اعلان ٿي ويو. علامه جي گهڻي ڇوڻ ڪان پوءِ به ڪيس نظرانداز ڪيو ويو. نيٺ خالي ٿيل هال ۾ اسٽيج تي چڙهي ويو، سخت سرديءَ ۾ جنون ۾ اچي غزل پڙهندو ويو ۽ غزل پڙهندي سرد ٿي ويو. ڪهاڻيءَ جي شروع ۾ طنز ۽ مزاح لڳي ٿي پر آخر ۾ ادبي لڏي جي بي حسي ۽ شاعر جي جنون جي حد پڙهندڙ ڪي درد ڀري ڪيفيت



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طاري ٿي وڃي ٿي. 'هڪ رپئي جو نوٽ' ڪهاڻيءَ ۾ نوجوان جي معاشي بدحالي ۽ بيوسيءَ کي مزاحيه انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ جا واقعا حقيقي ۽ ليکڪ جي آتم ڪهاڻيءَ جو حصو لڳن ٿا. ڪراچيءَ ۾ پڙهائيءَ جا خرچ پورا ڪرڻ لاءِ رات جو پريس ۾ نوڪري ڪرڻ ، پريس مان وقت تي پگهار نہ ملڻ سبب ٻڪ ٻيوسي ۽ اڻ پورين حسرتن کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيل مسئلا اڄ بہ سماج ۾ موجود آهن. شهرن ۾ تعليمي خرچ، ڪاڏي پيتي جو خرچ، يار دوست ڳوٺان ايندڙ مهمان، اوچتو شهر ۾ ملندڙ واقفڪارن جي رسمي خاطر تواضع ڪرڻ، اڄ بہ اهڙن نوجوانن لاءِ مسئلو آهي. ڪهاڻي 'ڏؤبنا ڏوليا' هڪ ليکڪ جي زندگيءَ جو خاڪو آهي. هو روزگار لاءِ کهڙن ذلت جي احساسن مان گذري ٿو انهن جو بيان ڪيو ويو آهي. پڙهندڙ ۽ روايتي دوست ڪجهہ ڏينهن زباني همدردي ڪن ٿا. بعد ۾ هرڪو نٽائي وڃي ٿو. مجبور ٿي تخليقون وڪڻي ٿو. سماج ۾ هڪ ليکڪ ڪيئن بيروزگاريءَ جو شڪار ٿي ذاتي لائبريريءَ جا ڪتاب وڪڻڻ ڪان ويندي، پنهنجي تخليق کي ٻين جو نالو ڏئي ٿو. درد ۾ ٻڌل مزاح آهي، جنهن ۾ سماج جي بي حسي نمايان آهي. 'هر تمنا زندگيءَ ڪان انتقام' ڪهاڻي ڪراچيءَ ۾ ڪاليج ۾ پڙهندڙ ٻن نوجوانن جي اڻ پورين حسرتن ۽ معاشي بدحاليءَ کي ظاهر ڪري ٿي. ڪراچيءَ ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي ماڻهو رهن ٿا. هڪڙا عياشي ڪن ٿا، ٻيا پنهنجي گهٽ آمدني سبب مشڪل سان بہ وقت بہ اٽپوري ماني ڪائي گذارو ڪن ٿا. ڪهاڻي اهڙن واقعن ۽ ڪردارن جي اندر ۾ سانڍيل حسرتن کي ظاهر ڪري ٿي.

رشيد ڀٽيءَ جو ٻيو اهم مجموعو 'ديس ستا دل وارا جاڳيا' آهي. پهريون ڇاپو 'سنڌي ادب اڪيڊمي' پاران ١٩٨٥ع ۾ شايع ٿيو. ليکڪ پاران لکيل ليک ۾ رشيد ڀٽي طنز ۽ مزاح نگاريءَ کان سنجيده افسانن جي تخليق بابت وضاحت لکي آهي. مهاڳ مشهور محقق ۽ شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي لکيو آهي. ڊاڪٽر تنوير عباسي، رشيد ڀٽيءَ جو ويجهو دوست ۽ همعصر هو. رشيد جي باري ۾ لکي ٿو: "رشيد ڀٽي نہ رڳو هڪ ايماندار ۽ بي ڊپو ليکڪ آهي، پر هو اٽموٽ، بهادر خلوص ۽ قربانيءَ جي جذبن سان ڀرپور قومي ڪارڪن پڻ آهي. سنڌي ادبي سنگت جي ٻئي دؤر جي تنظيم ۾ هن جو اهم حصو آهي، ون يونٽ خلاف تحريڪ هجي، سنڌي ٻوليءَ جي بچاءُ جي هلچل هجي، رشيد سدائين پهرين قطار ۾ رهيو آهي، پنهنجي قلم توڙي عمل سان سنڌ ۽ ان





جي مظلوم طبقن جي ڀلائيءَ لاءِ وڙهيو آهي. ان ڏوهہ جي سزا طور ڪيئي ڀيرا جيل جون صعوبتون سَنيون اٿائين."(٥) ڊاڪٽر تنوير عباسي، رشيد ڀٽيءَ جي خانداني پس منظر علمي، سياسي، سماجي ۽ ادبي جدوجهد ۽ مزاحمت جو مختصر ۽ جامع انداز ۾ بيان ڪيو آهي. هن مجموعيءَ جي پهرين ڪهاڻي ڪتاب جي ٽائيٽل واري ڪهاڻي 'ديس ستا دل وارا جاڳيا' آهي. هيءَ ڪهاڻي ١٩٦٥ع واري پاڪ ڀارت جنگ جي پس منظر ۾ لکيل آهي. فن فڪر ۽ موضوع سبب هي ڪهاڻي هند ۽ سنڌ ۾ تمام گهڻي مقبول ٿي. ١٩٦٦ع واري 'روح رهاڻ' واري پرچي ۾ شايع ٿي. ١٩٦٧ع ۾ انڊيا جي 'نئين دنيا' رسالي ۾ شايع ٿي. ڪهاڻي بظاهر ٻنهي ملڪن جي جنگي جنون ۾ ٿيندڙ عصمت دروهيءَ کي ظاهر ڪري ٿي. پر حقيقت ۾ اهڙين حالتن ۾ معصوم انسانيت جي ٿيندڙ بيحرمتيءَ جو دستاويز پڻ آهي. جنگيون حڪمرانن جي انائن ۽ عالمي طاقتن جي سازشن سبب ٿين ٿيون، قومن ۾ هڪ ٻئي خلاف عوام ۾ ايتري نفرت جي باهہ ٻاري وڃي ٿي، جو ٻنهي طرف ويڙهاڪ وحشي جانورن جيان وسندين تي حملا ڪري تباهي ۽ بربادي آڻيو ڇڏين. هن ڪهاڻيءَ ۾ اها حقيقت ظاهر ڪئي وئي آهي، تہ جنگين ۾ عام ماڻهو ڪيئن متاثر ٿين ٿا. نہ صرف ڪين ماريو ڦريو ۽ لٽيو وڃي ٿو، بلڪ جنون ۾ ويڙهو جڏهن هوش حواس مان نڪري انسان مان ڦري وحشي بڻجن ٿا، تہ پوءِ ماءُ جي سامهون ڌيءُ، ڌيءُ جي سامهون ماءُ کي اگهاڙو ڪري ٽولن جا ٽولا جنسي ڏاڍائي ڪندي ڪين موت جي ننڊ سمهاريو ڇڏين. هن ڪهاڻيءَ ۾ سرحدي ڀٽيءَ سان لڳولڳ، ٽر جي پاسي مانجهيءَ جي گهر ۾ ٿيندڙ ڦهر کي پيش ڪيو ويو آهي. ڪهاڻي عالمي سطح تي جنگين ۾ ٿيندڙ انساني تذليل ۽ عصمت دروهيءَ جو عڪس پيش ڪري ٿي. رشيد ڀٽي روشن ضمير ۽ آدرشي ليکڪ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ هو نہ صرف انسانن جي وجود ۾ پريل بدبودار پونءِ کي ظاهر ڪري ٿو، بلڪ باضمير، غيرتمند تازي توانائي انساني هڪجهڙي ڳاڙهي رت کي بہ ظاهر ڪري ٿو. مانجهيءَ وٽ جڏهن پلئہ ڪرڻ لاءِ دشمن جي ذات واري هڪ ڪنواري عورت پيش ڪئي وئي، تہ هن پنهنجي بدلي واري باهہ ۽ وحشي پڻي تي ضابطو آندو. هن انسانيت جي لڄ رکندي، مظلوم عورت کي پنهنجي ڀيڻ بڻايو. ڪهاڻيڪار دل وارن جي سجاڳيءَ واري پيغام کي ٻنهي طرف پهچائڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. ٻنهي طرف نفرت ۽ جنگي جنون ۾ عام ديس وارا ڇڻ ستل آهن، پر ڪي دل وارا سجاڳ بہ آهن. جنگي جنون ۾ ورتل هڪٻئي سان وڙهڻ،

مارڻ ۽ عزتون لٽڻ کي وطن سان محبت تصور ڪندڙ ملڪن کي رشيد ڀٽي اصل چهرو ڏيکاريو آهي.

’جيئي سنڌ‘ ڪهاڻيءَ ۾ رشيد ڀٽي سنڌ ۾ روشن خيال فڪر ۽ قومي سجاڳيءَ واري موضوع کي پيش ڪيو آهي. درازن واري محفل ۽ هڪ عقلي مثال ڏئي ڌرتيءَ جي اصل رهواسين جي حقن کي ظاهر ڪيو ويو آهي. مذهبي انتها پسند ماڻهو به جڏهن حقيقت کي وسيع نظر سان ڏسي ٿو، ته هو به جيئي سنڌ جو نعرو بلند ڪري ٿو. ’واٽيا ڙي واٽيا‘ ڪهاڻيءَ جو موضوع هندو-پاڪ جي ورهاڱي بعد بدلجندڙ سياسي حالتن، سماجي قدرن، بيحسي، مظلومن جي ملڪيتن تي قبضو ڪرڻ آهي. ڪهاڻيءَ ۾ مائي ڀانا هڪ محنت ڪش، سخي، همت واري ۽ غريب پرور عورت آهي، واٽين به ساڻس ڀال ڀلايا. ورهاڱي بعد پنهنجن جي بي حسي. ٻاهرين جي ڪوڙن ڪليمن ۾ سندس سڀ ڪجھ هليو ويو ۽ مائي ڀانا، ’ڀانا چري‘ جي نالي سان گهٽين ۾ هلندي واٽين جي همدردين ۽ ڀلائين کي ياد ڪندي، واٽيا ڙي واٽيا چوندي رهي. ’پرم‘ ڪهاڻيءَ ۾ حويلين ۾ سيدن ۽ سجاده نشينن جي ڪوڙي پرم جي ڪل لاٿي وئي آهي. پاڻ ماچياڻين ۽ ٻين سماجي طبقاتي ورچ جي هيٺين ذات جي عورتن سان رنگ رليون ملهائيندي، ڪين حويلين ۾ آڻيو رکن. پر ڏيءُ يا ڀيڻ وغيره لاءِ پنهنجي سطح ۽ خاندان جي برابر ڪو رشتو مليو ۽ سندن سماجي ۽ معاشي رتبي ۾ واڌارو به ٿئي ٿو، ته شادي ڪرائي ويندي، نه ته عورت جي چمار گهر ۾ ويٺي گذري ويندي، اهڙين حالتن ۾ عورت پنهنجي پنهنجي راهه پاڻ به تلاش ڪري وٺندي آهي. هن ڪهاڻيءَ جو موضوع ۽ ڪردار پڻ ساڳي حقيقت کي ظاهر ڪن ٿا. ڪهاڻيءَ ۾ ڏنل شاهه نالي سيد جي ڪوڙي پرم ۾ لڪل بدڪاريءَ کي ظاهر ڪيو ويو آهي. ’سڙيل نوڙي‘ ڪهاڻي سنڌي ادب جي اهم ڪرداري ڪهاڻين مان هڪ آهي.

ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو هن ڪردار جي حوالي سان لکي ٿو: ”رشيد ڀٽي ادي وڏي جي ڪردار نگاريءَ ۾ دنگ ڪري ڇڏيا آهن. شايد ئي ڪو ڪردار سنڌي ادب ۾ ادي جي ڪردار سان برميچي سگهي.“(۴) ڪهاڻيءَ جو عنوان چيني پهاڪي ’سڙيل نوڙيءَ مان وٽ ڪڍڻ جي ڪوشش نه ڪجي‘ مان ورتو ويو آهي. ڪهاڻيءَ ۾ مکيه ڪردار ادي وڏي جو آهي. ادو وڏو پنهنجي عادتن سوچ ۽ عمل جي ڪري هڪ منفرد ڪردار آهي. ظاهري نٽ ۽ وڏيرائپ ڏيکارڻ لاءِ سڀ ڪجھ لٽائي ڇڏيائين، صرف





پنهنجي تعريف ٻڌڻ جو عادي، هر ايندڙ ويندڙ کي چڱي چوکي گار ڏئي ڪيندو، ڪو ماڻهو نه آيو ته جانور کي به گار ڏئي ڪيندو. ادي وڏي ٻاهريون پرم رکڻ لاءِ سمورو پئسو لٽائي ڇڏيو هو، نوڙي سڙي چڪي هئي. پر وٽ اڃا به پيل هو، جڏهن وٽ کي ڇهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي، ته ادو وڏو رک جيان هٿن مان نڪري واءُ ٿي ويو. ڪهاڻيءَ جو موضوع ۽ ڪردار فطري ۽ حقيقي محسوس ٿين ٿا. اهڙا منفرد ڪردار سماج ۾ موجود آهن. جن پنهنجي نالي ، انا ۽ وڏيرائپ جو پرم رکڻ لاءِ سموري ملڪيت تين وال ڪري ڇڏي.

رشيد ڀٽيءَ جي ٻين ڪهاڻين جيان هن ۾ به مزاح ۽ درد جو گڏيل تاثر آهي. ڪهاڻي سماج جي حقيقي ڪردار جو خاڪو پيش ڪري ٿي. ’وطن دوستي‘ ڪهاڻيءَ ۾ رشيد ڀٽي سنڌ جي روايتي مفاد پرست ڪاموري جي ڪردار کي پيش ڪيو آهي. هيٺئين وچولي طبقي مان بالا عملدار بڻجندڙ مُريد ميراڻي شروع کان ئي سماج ۽ قوم بجاءِ ذاتي مفادن جو قائل هو. ادبي لڏي سان وابستگي هوندي به، تبديل نه ٿيو. دولت ۽ شهرت جو بکيو، محدود سوچ رکندڙ ڪردار آهي. عام مان نڪري اقتدار جي اعليٰ ايوانن تائين پهتو. ون يونٽ ۽ ايوبي آمريت واري دؤر ۾ ڪنهن به سنڌي ڪامريڊ دوست ملڻ کان انڪار ڪندڙ، مفادن ۽ ڪرسيءَ کي هر احساس ۽ جذبي تي ترجيح ڏيندڙ ڪردار آهي. آخر ۾ جڏهن سندس بدعنوانين سبب کيس رٽائر ڪيو ويو، ته آخري ڪمائيءَ جو ذريعو وطن پرستيءَ ۾ ڳولهه جي ڪوشش ڪري ٿو. ’پيلو گهڙو‘ ڪهاڻيءَ جو ڪردار رحيم جنسي ڪمزوري ٿيڻ سبب راهه فرار اختيار ڪري ٿو. تبليغي جماعت وارن سان گڏ نڪري ويو، سماجي ذميوارين ۽ دؤر رهندي به جدا ٿي نه سگهيو. سڄو خوشحال گهر مسڪيني مجبوري ۽ بي ڪسيءَ واري حالت ۾ اچي ويو. ترقي پسند ۽ جديد خيالن جو هوندي به ڪردار جي هيڻائي ۽ مقابلي بجاءِ فرار واري واٽ کي پيش ڪيو ويو آهي. نيٺ واپس موٽي آيو، گهر واريءَ جي سامهون حقيقت ظاهر ڪيائين، جيڪا کيس هر حال ۾ قبول ڪرڻ لاءِ تيار هئي. پاڻ کي ناڪاره تصور ڪندي، راهه فرار اختيار ڪندڙ، ڪردارن جي حقيقت کي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ’تاريخ جو آواز‘ هن مجموعي جي آخري ڪهاڻي آهي. ڪهاڻيءَ ۾ صدين کان ڏاڍي جو هيڻي تي ظلم ۽ جنگ کي پيش ڪيو ويو آهي. بظاهر پس منظر ايم. آر. ڊي. تحريڪ ۽ مارشل لا واري دؤر ۾ سکر ۾ ڦٽڪا کائيندڙ سنڌي نوجوان آهن.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪهاڻيءَ ۾ رشيد ڀٽي دراوڙن ڪان ويندي، هن مارشل لا واري دؤر تائين مختلف دؤرن ۾ سنڌ جي مقامي سورمن جي ڌارين جي خلاف ڀرپور مزاحمت ۽ ويڙهه ڪندڙ ڪردارن کي بيان ڪيو آهي. بين الاقوامي تاريخ مان حوالا ڏيئي، ثابت ڪيو ويو آهي تہ دنيا ۾ هر دؤر ۽ هر مظلوم قوم تي ظالمن ڦورن ،لٽيرن ۽ رهزنن راتاها هنيا آهن. ظالمن ظلم ڪرڻ، چٽڻ چيرڻ ۽ چيپاڻڻ ۾ وسان ناهي گهٽايو، پر اڳتي هلي وقت ثابت ڪيو آهي تہ دنيا ۾ ظالم ۽ جابر سدائين ڌڪار ۽ نفرت حاصل ڪئي آهي. حاڪمن جا پالتو مؤرخ انهن کي کهڙو بہ جامو پهرائين، پر اهو ڄڻ گند تي ڪپڙو ثابت ٿيو آهي.

## نتيجو:

رشيد ڀٽي ورهاڱي بعد سنڌ جي اهم مزاحمتي ۽ سجاڳيءَ واري دؤر جو ليکڪ آهي. هڪ ذميوار ۽ باشعور فرد هئڻ سان گڏ ذميوار ليکڪ بہ ثابت ٿيو آهي. ڪهاڻين ۾ اهم سماجي مسئلن ۽ حقيقتن کي ڪامياب ڪردارنگاريءَ ذريعي پيش ڪيو اٿس. ترقي پسند فڪر ۽ قومي فڪر سندس تحرير ۾ نمايان آهي، اڪثر ڪهاڻين ۾ درد سان گڏ مزاح وارو عنصر بہ شامل آهي، پر مجموعي تاثر وري بہ ڪردارن جي ڀوڳنا ۽ پيڙا وارو آهي. تاريخي شعور سان گڏ سندس فڪر ۽ فن ۾ بہ پختگي آهي. سماج جي جنهن بہ ڪردار کي ڪٽي ٿو، تہ ان ۾ حقيقت جي سمورن رنگن کي پيش ڪري ٿو. 'ٻڙ' ۽ 'ديس ستا دل وارا جاڳيا' سندس ڪهاڻين گهڻي مقبوليت ماڻي، پر سندس هر ڪهاڻي موضوع ۽ مواد جي لحاظ کان معياري ڪهاڻي آهي. ڪٿي ڪٿي ليکڪ جي ذاتي زندگي معاشي حالتن جو پڻ عڪس ملي ٿو. جنهن بہ مسئلي، واقعي ،حادثي يا احساس کي بيان ڪرڻ چاهي ٿو، ان کي پڙهندڙ جي سامهون اثرائتي انداز ۾ پيش ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. سندس ڪهاڻين ۾ جامد ڪردار بہ آهن تہ تبديل ٿيندڙ بہ.

رشيد ڀٽي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ اهم ليکڪ آهي. رشيد ڀٽي سنڌي سماج جي سجاڳيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو، پنهنجي مختلف فڪري تحريرن ذريعي هو سنڌي سماج ۾ هميشہ زنده رهندو.





## حوالا


١. ڀٽي، رشيد، 'گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ'، عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد، ٻيو ڇاپو، ١٩٩٥ع، ص:٨٨.

٢. ڀٽي، رشيد، 'گهڙي گهڙي هڪ گهاءُ'، ابڙو جمال: (مهاڳ)، پاڪستان رائٽرس گلڊ سکر، ١٩٦٣ع، ص:٢٠.

٣.ساڳيو، ص ٣٠.

٤.ڀٽي، رشيد، 'ديس ستا دل وارا جاڳيا'، عباسي، ڊاڪٽر تنوير: (مهاڳ)، سنڌي ادب اڪيڊمي حيدرآباد، ١٩٨٥ع، ص:١١.

٥.جوڻيجو، عبدالجبار، 'سنڌي ادب جي تاريخ' (جلد ٽيون)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، ٢٠٠٦ع، ص:٩٥.




Shah Abdul Latif Bhitai Chair